درمحمد عرف صبغت الله سومرو*

# ذوالفقار شاه راشدي ۽ سندس ادبي خدمتون
# Zufiqar Shah Rashdi And His Literary Services

**ABSTRACT:**

Zulifqar Shah Rashdi is known as poet, critic and short story writer in Sindhi literature, specially his name is counted as one of the great poets of Gazal. “Soch Khe Loch” in poetry and “Kaswati” in criticism are two famous books written by him. He is the poet of love, beauty and revolution. His good relations were with Indian Sindhi scholars and his poetry is also published in Indian Sindhi Magazines. His poetry is full of with sorrows and worries of the poor. We can see reflection of deceit and treachery in his poetry given by his relatives and friends to him. Great scholars and writers of Sindhi literature which were his friends gave him titles as “Naseem Kharl of Poetry”, “poet of beautiful feelings”, “poet of cold shadow,” “colour of mud” and “traveler of dreams” etc.

سنڌ جي سڳنڌ ڌرتيءَ جي ڪُک مان ڪيترائي وڏا شاعر ۽ اديب پيدا ٿيا آهن، انهن شاعرن ۽ نقادن ۽ ڪهاڻي ڪارن ۾ هڪڙو نالو ذوالفقار راشدي به آهي. ذوالفقار راشدي لاڙڪاڻي ضلعي جي محلا پير جو ڳوٺ نئون ديرو جو هوائن ۾ 10 مارچ 1938ع تي اک کولي. سندس والد جو نالو سيد محمد امام شاهه راشدي هو، جو پنهنجي موروثي گاديءَ جو ستون پڳدار هو، ذوالفقار راشدي جو پورو نالو ذوالفقار علي شاهه راشدي هو. پاڻ پنهنجي پرائمري تعليم نئون ديرو ۽ وڳڻ ضلعو لاڙڪاڻو مان حاصل ڪيائين. اهڙي طرح بي اي ۽ ايل ايل بي به لاڙڪاڻي مان پاس ڪيائين.

ذوالفقار راشدي پنهنجي والد جي وفات کان پوءِ پنهنجي موروثي گاديءَ جو اٺون پڳدار ٿيو ۽ 10 سال گادي نشين رهيو. هو گادي نشين هوندي به انقلابي ماڻهو هو. سندس شاعري اهڙن املهه موتين سان پريل آهي هن جي طبعيت جو لاڙو فقيري جي طرف مائل هيو. هو هاري هجي يا مزدور، دوست هجي يا مريد سڀني سان نهايت ئي اخلاقي رواداري ۽ سندس حقن جي پاسداري جي ڳالهه ڪندو هيو. ذوالفقار راشدي جا ٻه وڏا ڪتاب ”سوچ کي لوچ“ (شاعري) ۽ ”ڪسوٽي“ (تنقيد) آهن. ان کان علاوه سندس ڪيتروئي مواد ڪيترن ئي رسالن ۽ اخبارن ۾ سنڌي ادب جي تاريخ بڻجي ويو آهي. ذوالفقار راشدي جي هڪ ڪهاڻي ”ٿرڊ ڪلاس“ ٻين ٻولين ۾ ترجمو ٿي.

* ايم-فل اسڪالر، سنڌي شعبو/ ليڪچرر گورنمينٽ بوائز ڊگري ڪاليج نئون ديرو

ذوالفقار راشدي کي ٽن ٻارن جو اولاد آهي هڪ فرزند ۽ ٻه نياڻيون. سندس فرزند سيد عبدالحئي شاهه راشدي پنهنجي گادي جو نائون پڳدار سان گڏوگڏ هڪ شاعر به آهي ۽ نياڻيون عرزه عروج "سنڌي" ۽ نصرت راشدي پڻ شاعره آهن.

ذوالفقار راشدي کي اچانڪ 26 آگسٽ 1986ع تي شام جو نڙي جي تڪليف ٿي جيڪا تمام گهڻي وڌي وئي ۽ 27 آگسٽ 1986ع تي رات جو 02 وڳي هن فاني دنيا کي الوداع ڪيائين. سندس ڪتاب "سوچ کي لوچ" جو هڪ شعر جڻ ان موقعي لاءِ ئي چيو هيائين.

اي محبت عشق وارؤ، الوداع،
عشق جا رنگين نظارؤ، الوداع،
هاڻي ڪنهن سان به نه آهي دشمني،
اي رقيبو، اي پيارؤ، الوداع.

(1)

## ذاوالفقار راشدي هڪ انقلابي ۽ رومانوي شاعر:

ذوالفقار راشدي لکڻ جي شروعات 11 سالن جي عمر ۾ 1949ع ۾ ڪئي ۽ 14 سالن جي عمر ۾ سندس پهريون شعر ماهوار رسالي "اسان جي منزل" ۾ 1952ع ۾ ڇپيو جيڪو دادو کان نڪرندو هيو.

هي منهنجو داستان ۾ وڃي رهندو يادگار
ناهي هي شعر، دل جو آهي درد، ذوالفقار.

(2)

ذوالفقار راشدي جو اهڙي طرح اخبارن ۽ رسالن ۾ شاعري جو ڇپجڻ شروع ٿي ويو. پاڻ هفتيوار اخبار "هاري" جو 1953ع کان 1954ع تائين ايڊيٽر رهيو ۽ پڻ پبلشر به رهيو. ان کان علاوه ٽي ماهه "مهراڻ" ۽ ماهوار " نئين زندگي"، ماهوار "بادل" ماهوار "تقاضا" ۽ ٻين رسالن ۽ اخبارن ۾ ڪيترو ئي سندس مواد وقت بوقت شايع ٿيندو رهيو ۽ ان کان علاوه ذوالفقار راشدي جا مدد علي سنڌي ڏي لکيل خط به شايع ٿيندا رهيا. ذوالفقار راشدي جو تعلق ورهاڱي کان پوءِ انهن وڏن شاعرن ۽ اديبن ۾ اچي ٿو جن سنڌي ادب کي مالا مال ڪري ڇڏيو.

ان کان علاوه ذوالفقار راشدي به شيخ اياز، عبدالڪريم گدائي، بردو سنڌي، مخدوم طالب المولیٰ، نياز همايوني، شيخ عبدالرازق "راز"، شمشير

الحيدري، شيخ عبدالحليم جوش، امداد حسيني، وفا ناٿن شاهہ، قمر شهباز، تاج بلوچ وغيره وانگر انهن شاعرن ۽ اديبن ۾ اچي وڃي ٿو جن ون يونٽ جي نهڻ کان پوءِ پنهنجي شاعري جو رخ حسن ۽ عشق کان هٽي ڪري زندگي جي حقيقتن، مسئلن ۽ مزاحمتي لاڙي طرف رکيو. ان سلسلي ۾ ٽي ماهي ”مهراڻ“ ۽ ماهوار ”نئين زندگي“ اهڙا رسالا هيا جنهن انهن شاعرن جي شيشي وانگر جرڪيل فن و فڪر واري مواد کي پيش ڪرڻ ۾ ڀرپور ڪردار ادا ڪيو. ذوالفقار راشدي جي شاعري جو فن ۽ فڪر جو شمار بہ انهن شاعرن سان گڏ مٿانهون نظر اچي ٿو ۽ سندس شاعري ۾ حسن و جمال سان گڏ انقلابي ۽ مزاحمتي لاڙا بہ نمايان نظر اچن ٿا.

پروفيسر نذير احمد سومرو لکي ٿو : ”ذوالفقار راشديءَ جي حيدر بخش جتوئي سان ڏيٺ واٺ ٿي جيڪا هم خيالي هجڻ سبب اڳتي هلي گهاٽي دوستي جو روپ اختيار ڪري ورتي. ٻنهي جي عمرين ۾ گهڻو فرق هيو پر انقلاب ڪنهن بہ سرحد جو قائل نہ هوندو آهي.“ (3)

ذوالفقار راشدي پنهنجي والد جي وفات کان پوءِ انون گادي نشين مقرر ٿيو پر سندس شاعري ۾ گادي نشين هوندي بہ سونهن، پيار، محبت ۽ عشق کان علاوه انقلاب جو گس ڀرپور رهيو. ذوالفقار راشدي ادبي لحاظ کان هڪ شاعر، نقاد ۽ ڪهاڻيڪار پڻ هيو.

ذوالفقار راشدي جو نالو سنڌي شاعريءَ جي دنيا ۾ وڏن شاعرن ۾ شمار ٿئي ٿو، خاص ڪري غزل جي شاعرن ۾ صف اول ۾ ڳڻجي ٿو. سندس شاعري ۾ غزل، نظم، قطعات، دوها، بيت، گيت، ڪافيون ۽ آزاد نظم اچي وڃن ٿا. سندس شاعري کي وڏن وڏن ۽ هم عصر شاعرن ۽ اديبن مڃتا ڏني. انهن اديبن ۽ شاعرن ۾ محمد عثمان ڏيپلائي، غلام محمد گرامي، محمد ابراهيم جويو، مهتاب محبوب، غلام رباني، ڊاڪٽر الهداد ٻوهيو، طارق اشرف، انيس انصاري، ڊاڪٽر در محمد پٺاڻ، نياز همايوني، تنوير عباسي، امداد حسيني، تاج بلوچ، مدد علي سنڌي، ڪيهر شوڪت، تاج جويو، اياز گل، منظور ظفر، نصير مرزا، سحر امداد، اخلاق انصاري، سليم سنڌيلو، زيب سنڌي ۽ سندس خطي سان تعلق رکندڙ نامور برک اديب حسام الدين شاهہ راشدي شامل آهن.

ذوالفقار راشدي جي شاعري ۾ فصاحت، بلاغت، سلاست ۽ جدت جهڙيون خوبيون ڪر ڪنيون بيٺيون آهن. سندس غزلن ۾ نج سنڌي ۽ ڳوٺن سان تعلق رکندڙ هڪ سادو ۽ سليس اظهار نظر اچي ٿو. ذوالفقار راشدي سنڌي

شاعريءَ جي وڏن شاعرن ۾ صف اول ۾ شمار ڪيو وڃي ٿو. محترم تاج جويو پنهنجي ڪتاب ”سنڌي گيت“ ۾ لکي ٿو ته: ”ذوالفقار راشدي سنڌي جي پهرين جوڙ جي شاعرن مان آهي، جن سنڌي شاعريءَ ۾ موضوع، نواڻ ۽ اسلوب جي لحاظ کان انقلاب آندو، اياز، شمشير ۽ تنوير جيان هن وٽ به پنهنجي شاعريءَ جو نرالو ۽ منفرد انداز آهي“. (4)

ذوالفقار راشدي غزل ۾ هڪ خاص حيثيت والاري ٿو. ذوالفقار راشدي جو شمار جديد غزل جي بنياد رکندڙ شاعرن ۾ ٿئي ٿو. پاڻ سنڌي غزل کي جدت ڏئي هڪ اهم معيار ڏنو. سندس شاعري ۾ اجايو تقليد نه آهي ۽ سندس شاعري ۾ انفراديت جا عنصر نمايان نظر اچن ٿا. سندس غزلن ۾ ڀهراڙي جو عڪس به نظر اچي ٿو ته حسن، عشق وري محبوب جو رسڻ ۽ پرچڻ به. سندس غزلن ۾ آزاد زندگي جي جدوجهد ۽ صوفياڻي فڪر کي سمايو اٿائين. ذوالفقار راشدي جي شاعري ۾ گهرو ۽ وسيع سماجي شعور نظر اچي ٿو. هو چوي ٿو:

سورٺ، سيج جا سهنج، سڱن ۽ ساٿ اجايا ٿيا،
اڄ به ڏهاڳڻ ڏاگهه چڙهي ٿي جرڪي جيري ۾.

ذوالفقار راشدي پنهنجي وقت ۽ حالتن کي ماضي جي وقت ۽ حالتن سان ڀيٽي چوي ٿو.

مايا تي ماڻهو جو سودو ساڳيو راجا نند ڪري.
ڪاڪ ڪنڌيءَ تي سونهن وڪامي هر ڪنهن ڦيري ۾.
(5)

ذوالفقار راشدي پنهنجي هڪ غزل ۾ پرين جي محبت ۽ سندس اچڻ جي انتظار جي پيڙا مان گذرندي ٽڪجي پوي ٿو ۽ ان درد ۽ پيڙا جو اظهار ڪجهه هيئن ڪري ٿو.

توبهه، هي انتظار اسان کان نه ٿو پڄي،
لڱجي وڃي قرار، اسان کان نه ٿو پڄي.

ذوالفقار راشدي پنهنجن بيوفا عزيزن ۽ پيارن جي محبت جو ذڪر ڪندي چوي ٿو ته انهن پيارن جي طرف کان مليل هر درد ۽ زخم مون دل سان سَنو آهي ۽ اها اميد رکي آهي ته آئينده اهي زخم نه ملندا پر هر وقت انهن پيارن

جي طرف کان نئون زخم ۽ درد تحفي ۾ ملي ٿو. بلڪل ائين جيئن نانگ پنهنجي فطرت کان مجبور هوندو آهي چاهي ان کي ڪيترو ئي کير چو نہ پيئاريو وڃي پر هو ڏنگ ئي هڻندو آهي. ان ڪري راشدي صاحب بہ مايوس ٿي ان انتظار ۽ اعتبار جي زنجير کي ٽوڙيندي چوي ٿو:

منڙن جا ڏنگ دل ۽ جگر تي جهلي هزار،
نانگن تي اعتبار اسان کان نہ ٿو پڄي

(6)

ذوالفقار راشدي جي شاعري هندستان جي ڪيترن ئي رسالن ۾ پڻ شايع ٿي چڪي آهي. ذوالفقار راشدي جا هندستان جي ڪيترن ئي سنڌي اديبن ۽ شاعرن سان ويجهڙا تعلقات هئا. ان کان علاوه راشدي صاحب سنڌي کان علاوه اردو، انگريزي، فارسي ٻولين ۾ مهارت رکندو هو. سندس شاعري اردو ۾ بہ آهي. منظار سولنگي "نئون ڏيرو نوان پراڻا ورق" ۾ لکي ٿو تہ "راشدي صاحب هڪ ئي وقت سنڌي، فارسي ۽ انگريزي ٻوليءَ تي دسترس رکندو هيو. سندس انهن ٽنهي ٻولين ۾ وسيع مطالعو بہ هو". (7)

ذوالفقار راشدي روشن خيالي، انقلاب، سونهن ۽ عشق جو شاعر هيو. ڪيترين ئي مشڪلاتن ۾ ناخوشگوار واقعن، زماني جي اوچ نيچ ، پنهنجن جي بيوفائين، محبوب جي نخرن، پرين جي پچار، محبت ۽ انقلابي سوچ ۾ ثابت قدمي جو ثبوت سندس شاعري ۾ آهي. هن جي زندگيءَ جو مقصد پيار ڏيڻو ۽ پيار وٺڻو هو، ان لاءِ هو زماني جي ريتن ۽ رسمن ۽ اوچ نيچ، غريب ۽ امير، واري سوچ کان تمام اڳتي هو. هن زماني جي ڳالهين ۽ سوچن جي پرواهہ نہ ڪئي ۽ پنهنجي پيار ۾ امر رهيو ۽ اهو پيغام ڏنو تہ محبت روحاني جذبو آهي ۽ ان پاڪ محبت ۾ هَوس محبت جي توهين آهي.

محبتَ هَوسناڪ جذبو نہ آهي،
هَوس لفظ جذبن جي توهين چئبو،
محبت مقدس ۽ پاڪيزه مضمون،
۽ فطرت الاهي جو آئين چئبو.

(8)

ذوالفقار راشدي پنهنجن خيالن کي شاعري جي قالب ۾ اهڙو تہ ڪاريگريءَ سان گهڙيندو هو جو سندس سمورو فڪر ان شعر مان ليئا پائيندو هيو ۽ سندس خيالن جي وسعت ۽ شعور جي ڪري ذوالفقار راشدي شاعري ۾ خاص ڪري غزل جي چند اهم ۽ وڏن شاعرن جي صف ۾ اچي ويو. ذوالفقار

راشدي پيدائشي شاعر هيو سندس شعر ۾ پختگي ۽ جدت آهي. هن جي شعر ۾ ڪو نہ ڪو مقصد سمايل آهي ۽ سندس شاعري اجايو ۽ رسمي شاعري نہ آهي، سندس شاعري جو ذڪر ڪندي مننار سولنگي ”نوان پراڻا ورق“ ۾ لکي ٿو تہ”راشدي صاحب سنڌي شاعريءَ جي آسمان جو چمڪندڙ ستارو آهي، سنڌ جي شعر و ادب ۾ جڏهن بہ جديد شاعري جي حوالي سان ذڪر ٿيندو، تڏهن شيخ اياز کان پوءِ جن شاعرن جو ذڪر ٿيندو تن ۾ ذوالفقار راشدي هڪ اهم جاءِ والاري ٿو. سنڌي غزل جي تاريخ تہ راشدي صاحب کان سواءِ اڌوري ليکبي.“ 9)

ذوالفقار راشدي جي شاعري جي ڪتاب ”سوچ جي لوچ“ کي سنڌي ادب ۾ تمام وڏي اهميت حاصل آهي. ان ڪتاب جي پويان سندس شاعري کي داد ۽ مڃتا ڏيندڙ سنڌي ادب جي وڏن شاعرن ۽ اديبن جا رايا شامل آهن انهن راين ڏيندڙن ۾ هڪ وڏو اديب ، ناول نگار ۽ هفتيوار ”انسان“ جو ايڊيٽر محمد عثمان ڏيپلائي بہ آهي، ان کان علاوه سهڻي جو ايڊيٽر ” طارق اشرف، ”مهراڻ“ جو ايڊيٽر غلام محمد گرامي ۽ ان کان علاوه ناليوارو اديب محمد ابراهيم جويو، مهتاب محبوب، غلام رباني، ڊاڪٽر الهداد ٻوهيو، الله بخش، انيس انصاري، ڊاڪٽر در محمد پٺاڻ، نياز همايوني، تنوير عباسي، امداد حسيني، تاج بلوچ، مدد علي سنڌي، ڪيهر شوڪت، تاج جويو، منظور ظفر، نصير مرزا، سحر امداد، اخلاق انصاري، اسلم سنديلو ۽ زيب سنڌي شامل آهن. هنن سيني شاعرن ۽ اديبن ذوالفقار راشدي کي پنهنجن پنهنجن لفظن ۾ ڀيٽا ڏئي رايا ڏنا آهن. جنهن ۾ ڪنهن ذوالفقار راشدي کي ڪنهن فن جي عظمت جو دليل چيو آهي تہ ڪنهن خوابن جو مسافر چيو آهي، ڪنهن انفراديت پسند چوٽيءَ جو شاعر چيو آهي تہ ڪنهن سنڌي شاعريءَ جو نسيم ڪرل سڏيو آهي، ڪنهن پاڻ پڏائڻ کان وئنون ويندڙ شاعر جو لقب ڏنو اٿس تہ ڪو ٻيرن جي ٿڌڙي ڇانو جهڙو شاعر چئي مخاطب ٿيو آهي، ڪنهن ڪيس لطيف احساسن جو شاعر چيو آهي تہ ڪنهن اداس لمحن جو شاعر چيو اٿس، ڪنهن پهرين صف جو شاعر مڃيندي پهرين جوڙ جو شاعر سڏيو اٿس، تہ ڪنهن سندس شاعري کي مٽيءَ جو رنگ چيو اٿس. مطلب تہ هر وڏي شاعر يا اديب ڪيس ۽ سندس شاعريءَ کي ڪنهن نہ ڪنهن لقب يا اعزاز سان نوازيو اٿس. سنڌ جو مشهور ۽ برک اديب ۽ شاعر پير حسام الدين شاهہ راشدي پنهنجي ڪتاب ”ڳالهيون ڳوٺ وڻن جون“ ۾ لکي ٿو:

”نياز همايوني، عبدالڪريم گدائي، تنوير عباسي، امداد حسيني، ذوالفقار راشدي ۽ پروانو ڀٽي هن دور جي انهن شاعرن مان آهن جن جو شعر جڏهن آءٌ

پڙهندو آهيان تڏهن لونءِ لونءِ ڪاندارجي ويندي آهي ۽ پڪ اٿم ته هر پڙهندڙ جو اهو ئي حال ٿيندو هوندو“.(10)

**ذوالفقار راشدي هڪ نقاد ۽ ڪهاڻيڪار:**

ذوالفقار راشدي جو هڪ ٻيو تنقيد تي لکيل وڏو ڪتاب ”ڪسوٽي“ آهي جيڪو 1986ع ۾ ڇپيو. تنقيدي ميدان ۾ به راشدي صاحب کي انفرادي حيثيت حاصل آهي. سندس تنقيدي مضمونن ۾ ڪنهن جي بي جا تعريف يا گِلا غيبت ڪونه اٿس بلڪ سندس تنقيدي مضمونن ۾ استدلال ۽ منطقي دليلن واري ٻولي استعمال ٿيل اٿس. انهيءَ خوبي جي ڪري سندس نالو ورهاڱي کان پوءِ ون يونٽ ٽوڙي پوءِ ايندڙ دور جي صف اول ۽ اعلى نقادن ۾ اچي بيهاريس ٿو. سنڌي ادب ۾ آڱرين تي ڳڻڻ جيترا نقاد آهن جيڪي تنقيد جون سموريون ضرورتون ۽ گهرجون پوريون ڪرڻ ۾ ثابت قدم آهن نه ته تخليقي تنقيد کان وڌيڪ شخصي تنقيد تمام گهڻو نظر ايندي يا اڪثر تنقيد جي آڙ ۾ ذاتي رنجشون ڪيڻ جو بهترين موقعو سمجهندي ڪابه ڪثر نه ڇڏي ويندي آهي. پر ذوالفقار راشدي هميشه تخليقي تنقيد کي ئي پنهنجو مرڪز بڻايو ۽ سندس تنقيد ۾ اجايو پاسداري نه ملندي. پروفيسر نذير سومرو ذوالفقار راشدي کي هندستان جي مشهور اديب ۽ نقاد رشيد احمد صديقي سان ڀيٽيندي لکي ٿو ته:

” سنڌي ادب ۾ ذوالفقار راشدي کي اها حيثيت حاصل آهي جيڪا اردو ادب ۾ هندستاني اديب ۽ نقاد مرحوم رشيد احمد صديقي کي حاصل آهي“.(11)

ذوالفقار راشدي جيتري قدر سٺو شاعر ۽ نقاد هيو اوترو سٺو ڪهاڻيڪار به هو. سندس ڪهاڻين جو مجموعو اچڻ وارو هيس پر موت مهلت نه ڏنس. ذوالفقار راشدي پنهنجي ڪهاڻين جي مجموعي جو نالو ”خوابن جو مسافر“ چونڊيو هيو ۽ ان ڪهاڻين جو مجموعي جي ٽائيٽل پنهنجي حياتي ۾ ئي فتاح هاليپوٽو کان تيار ڪرايو هئائين. سندس ڪجهه ڪهاڻيون ٻين ٻولين ۾ ترجمو به ٿيون. سندس هڪ ڪهاڻي ” ٿرڊ ڪلاس“ کي هڪ شاهڪار ڪهاڻي جي حيثيت حاصل آهي. پروفيسر نذير سومرو لکي ٿو ته:

”ذوالفقار راشديءَ جون جيڪي ڪهاڻيون ٻين ٻولين ۾ ترجمو ٿي شايع ٿيون، انهن ۾ سندس ڪهاڻي ”ٿرڊ ڪلاس“ ٻن ٽن ٻولين ۾ ترجمو ٿي.“ (12)

مطلب ته ذوالفقار راشدي هڪ سٺو شاعر، نقاد ۽ ڪهاڻيڪار هيو. جنهن کي سنڌي ادب ۾ خاص ڪري شاعريءَ جي صنف غزل ۽ تنقيد جي ميدان ۾ صف اول جي شاعرن ۽ نقادن ۾ ليکيو ويندو.

**حوالا:**


1. راشدي، ذوالفقار، سوچ جي لوچ، لاڙڪاڻو، سڳند پبليڪيشن، 1982ع: ص 202
2. ايضا: ص 199
3. سومرو، نذير، پروفيسر، موهيو مون کي جن، لاڙڪاڻو، ڏاهپ پبليڪيشن، 2015: ص 80
4. جويو، تاج، سنڌي گيت، ڄامشورو، سنڌ الاجي، سنڌ يونيورسٽي: 1979ع، ص 62
5. راشدي، ذوالفقار، سوچ کي لوچ، لاڙڪاڻو، سڳند پبليڪيشن، 1982ع: ص 25
6. ايضا: ص 83
7. سولنگي، منٺار، نئون ديرو نوان پراڻا ورق، نئون ديرو، هسٽاريڪل سوسائٽي، 2001، ص 323
8. راشدي، ذوالفقار، سوچ کي لوچ، لاڙڪاڻو، سڳند پبليڪيشن، 1982ع. ص 80
9. سولنگي، منٺار، نئون ديرو نوان پراڻا ورق، نئون ديرو، هسٽاريڪل سوسائٽي، 2001، ص 321
10. راشدي، حسام الدين، ڳالهيون ڳوٺ وٺن جون، ڄامشورو، سنڌي ادبي بورڊ، 1981ع: ص 680
11. سومرو، نذير، پروفيسر، موهيو مون کي جن، لاڙڪاڻو، ڏاهپ پبليڪيشن، 2015: ص 72
12. ايضا: ص 76 ۽ 77